INTERNATIONAL PREMIER JOURNAL OF LANGUAGES & LITERATURE (IPJLL)
VOLUME 4, ISSUE 2, 2026 p-ISSN: 3007-2336 e-ISSN: 3007-2344

پاراٹين ڪهاڻين جي اوسر (1980 ع کان 2000ع)

Saba Parwaiz sabaparvaiz110@gmail.com	Lecturer, Sindhi Department, Government Girls Degree College Ratodero, Pakistan.
Dr. Muhammad Chuttal Bozdar dr.malharsindhi@gmail.com	Assistant Professor, Sindhi Department, Government Boys Degree College Ratodero, Pakistan.
Muhammad Rafique Bozdar rafeeqbozdar@gmail.com	M.Phil Scholar, Sindhi Department, Shah Abdul Latif University Khairpur, Pakistan.

Abstract

In Sindhi children's literature, the short story holds great importance as an influential literary form. Children not only listen to and read stories with deep interest but also learn valuable lessons from them. The beginnings of Sindhi children's stories can be traced back to early oral traditions, folk tales and story telling practices often narrated by elders in their unique styles. With the passage of time and the advancement of human thought, understanding and knowledge, the art of story telling evolved and oral tales gradually took written form. A significant early example is the story Rao Diyach and Surrath, written by Munshi Adharam Thanwardas, included in Captain George Stack's Sindhi Grammar (1849), which is regarded as the first written story for children in Sindhi literature.The decade from 1980 to 2000 proved to be highly productive for Sindhi children's literature. During this period, writers focused on psychological and social issues of children, as well as humorous and moral themes. Many story books were published, which gave Sindhi children's literature a new identity and direction.

Keywords: *Captain George Stack, Children's Psychology, Direction, Folktales, Literary Form, Moral Themes, Oral Traditions, Rao Diyach, Short Story, Sindhi Children's Literature, Social Issues, Storytelling, Surrath, Written Stories.*

Corresponding Author: Saba Parwaiz **(**Lecturer, Sindhi Department, Government Girls Degree College Ratodero, Pakistan)
Email:sabaparvaiz110@gmail.com

ٻارن جي سوچ سمجهه وڌن جي پيٽ ۾ ڪجهه گهٽ هوندي آهي. ان لاءِ ئي ٻارن جي سڃاتل دنيا وڏن جي دنيا کان منفرد ۽ پنهنجي هوندي آهي. هو پنهنجي وڏڙن جي ڳالهين تي ئي سوچ ويچار ڪندا آهن يا وري پنهنجي استاد کان ٻڌل ڳالهه پنهنجي دوستن جي گفتگو يا ڪتابن مان پڙهيل ڳالهين ۽ استادن جي نصيحتن تي توجهه ڏيندا رهندا آهن. ائين ئي ٻاراٽيون ڪهاڻيون به ٻار تي گهرو اثر ڇڏيندڙ آهن. جيڪي ڪهاڻيون ۽ قصا اسان ننڍپڻ ۾ ٻڌندا آهيون. اهي اڄ به ياد آهن. جيڪا پرين جي خوبصورتي ڪهاڻين ۾ ٻڌائي ويئي. اسان اڄ به اگر ڪا حسين چوڪري ڏسندا آهيون ته مثال اهو ڏيندا آهيون ته پري ٿي لڳي. انهن پرين جو سهڻو ۽ پرڪشش جيڪو لباس ٻڌايو ويو يا جيڪي اڻند ڪٿولي جو خيال پيش ڪيو ويو. شهزادن، شهزادين جا محل انهن جي سونهن ۽ سڻاءُ گلن، ٻوٽن جي سجاوٽ، باغ باغيچا، پاڻيءَ جا درياءَ، نهر، ساوڪ سان ڍڪيل جبلن جا نظارا، بادشاهن، وزيرن، ڏاهن جي عقلمندي ۽ سياڻپ جا قصا، شهزادن جي بهادري جا چرچا، شهزادين جي سونهن ۽ نازڪ مزاجي جا داستان، ديون جي ڀگهي ننڍ، ديون جي طاقت ۽ انهن جو پرين کي قيد ڪري وڃڻ. ديون جو ساهه ڪنهن پکيءَ ۾ هجڻ وغيره اهي ڪهاڻيون آهن، جن کي عمر گذري وڃڻ جي باوجود به وساري ناهيون سگهندا. اهي ڳالهيون ۽ قصا اڄ به ذهن تي نقش ٿيل آهن. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو لکي ٿو ته:

"ڪهاڻي جنهن کي هنديءَ ۾ 'ڪهاني'، سنسڪرت ۾ 'ڪٿانڪا' ڏاتو يا بنياد اٿس: ڪٽ- چوڻ، ڪهاڻيءَ کي آکاڻي به چون. آکاڻي- پراڪرت، آکاڻي، سنسڪرت، اکيانڪ، جنهن جو ڏاتو آهي، ڪيا- بيان ڪرڻ. ٻهراڙيءَ ۾ ڪهاڻي يا آکاڻي کي ڳالهه به چون، جنهن جو بنياد سنسڪرت لفظ گل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "چوڻ".

(1)

"ڪهاڻي چوڻ جو رواج ڪڏهن کان پيو يا ڪڏهن کان ڪهاڻي شروع ٿي. ان لاءِ اسان کي مختلف محققن جا مختلف حوالا ملن ٿا- ڪهاڻي جي شروعات لوڪ ادب ڪهاڻين سان ٿي، جنهن جي لاءِ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو پنهنجي ڪتاب لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو ۾ لکي ٿو ته:

"لوڪ ڪهاڻين جو ڏاڏو پهريائين ڪٿي لڳو. ۽ ڪنهن هنيو سو معلوم ڪرڻ ڪٺن ڪم آهي، البت ايترو ڄڻي سگهبو ته جيئن ئي انسان جي پيدائش ٿي ۽ منجهس سمجهه، سوچ ۽ تميز جي طاقت تيز ٿي، تيئن ئي هن ٻاهرين ماحول کان متاثر ٿي پنهنجي اندر ۾ ويچاري، انهن ڳالهين کي عقلي رندو هٽي صاف ڪري پيش ڪيو. ٻاهرين ماحول جو اثر هو جهيڙا جهٽا، ويڑهه جهيڙ، پرين، جنن، پوتن جا پئو، هوا، طوفان، پاڻيءَ جي طغياني، ڪنوٽ جي ڪنوات، ڪڪرن جي ڪڙڪاٽ وغيره ۽ فرحت بخش چيزون جن ۾ چرچو گهبو، ڪل مسخري، ناچ گانو وغيره اچي وڃي ٿو."

(2)

ڪهاڻين جي باري ۾ ڊاڪٽر هوندراج بلواٽي لکي ٿو:

"آڳاٽي سمي ۾ آکاڻيون زباني روپ ۾ موجود هيون. لکيل روپ ۾ پوءِ آيون. ماڻهو هڪ ٻئي کي آکاڻيون ٻڌائيندا هئا. ميڙن ۾ به آکاڻيون چيون ويندیون هيون. ماڻهو هڪ هنڌ ڪٿا ٿيندا هئا ته ڳالهه مان ڳالهه نڪرندي هئي. ائين رات جو دير تائين آکاڻيون ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو سلسلو هلندو هو. وقت گذرڻ سان ڏاڏين، نانين جي معرفت پوٽن ۽ ڏوهٽن کي اهي آکاڻيون مليون. ان طرح ڏاڏين، نانين ۽ ٻين وڏڙن وٽان مليل اهي آکاڻيون، اڄ سڄي دنيا ۾ موجود آهن."

(3)

ڪهاڻيءَ جي وضاحت تعليمدان، لوڪ ادب جي پارکو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هيئن ڪئي آهي ته:

"ڪهاڻين، ڳالهين ۽ آکاڻين جا جدا جدا نالا عمدا ۽ ارادتاً استعمال ڪيا ويا آهن. انهيءَ لاءِ سنڌي لوڪ ادب موجب ڪهاڻي ۽ ڳالهه ۾ ڪو فرق ڪونهي. مگر محض علمي نظريي خاطر ڪلاسيڪي يا ڪهڻي قالب وارين حڪايتن کي ڪهاڻيون سڏيو ويو آهي. جن ۾ ديون، پرين، جنن وغيره غيبي ڪردارن کي خاص دخل آهي. اهي حڪايتون جن ۾ بادشاهن، راڻين شهزادن، سوداگرن وغيره انساني ڪردارن جو حصو نمايان آهي. انهن کي

سهولت خاطر ڳالهيون سڏيو ويو آهي. ۽ اهي نديون حڪايتون جن ۾ انساني معاشري جي مختلف شعبن جا ننڍا وڏا فرد شامل آهن. ۽ جن جو مکيه مقصد هارن جي وندر آهي، تن کي آسانيءَ خاطر آکاڻيون، سڏيو ويو آهي.“

(4)

ڪهاڻيءَ تي ماحول جو اثر رهندو آيو آهي، ان ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. ڪهاڻين کي پڙهڻ کان پوءِ ان ڳالهه جي خبر پوي ٿي ته جيئن وقت جو ڪانٽو ڦرندو رهيو، ائين ڪهاڻين ۾ به تبديلي ايندي رهي. جنهن لاءِ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي لکيو ته:

“اهو تسليم شده آهي ته هرشيءَ جي شروعات ننڍي پيماني تي ٿيندي آهي. ۽ پوءِ آهستي آهستي وڌي ڦوٽي ڪندي آهي، تيئن ڪهاڻين جي شروعات به ٿورن انگ اکرن سان ٿي هوندي. ماحول کان متاثر ٿي. ڪنهن ڪجهه چيو ته ٻڌندڙ ان کي وڌائي پيش ڪيو ته جيئن وري وڌيڪ مرچ مصالحه ملائي مزيدار ڪري پيش ڪيو، ته ڪنهن ذهين شخص ساڳي ڳالهه کي پنهنجي ذهانت سبب وڌائي نرالي رنگ ۽ روپ ۾ ورن ۽ ويس ۾ پيش ڪيو. مطلب ته ڪنهن ڪجهه ٻڌايو ته ڪنهن ڪجهه وڌايو جي ڪهاڻي وڃي راس ٿي.“

(5)

سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ به ڪهاڻين جي وڏي اهميت رهي آهي. ٻار ڪهاڻين کي وڏي دلچسپي سان ٻڌندا آهن .۽ انهن تي عمل به ڪندا آهن. ان لاءِ سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ پڻ هارن لاءِ آکاڻين ۽ ڪهاڻين لکڻ جو سلسلو هڪ وڏي عرصي کان جاري آهي. هارن جي نامور ليکڪ ڊاڪٽر ادل سومري چواڻي:

“سنڌي هولي قدامت جي لحاظ کان ننڍي کنڊ جي قديم هولين مان هڪ آهي. هن هوليءَ ۾ ٻڌايل ڪهاڻيون ۽ ڳاتل گيت صدين جي سينن ۾ ڦهليل آهن. جنهن ڪري هزارين گيت ۽ قصا هوندا، جيڪي تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ ٿيڻ بجاءِ وقت جي حالتن جي هوائن ۾ پکڙجي گم ٿي ويا هوندا.“

(6)

1849ع ۾ ڪئپٽن جارج استئڪ جي سنڌي گرامر جي ضميمي ۾ ڏنل منشي اڌارام ٽانورداس جي لکيل آکاڻي راءِ ڏياچ ۽ سورٺ کي پڻ هارن لاءِ پهرين ڪهاڻي سمجهيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته ان ڪهاڻيءَ جو پيرايو وڏڻ سان گڏ هارن لاءِ پڻ نهايت وٺندڙ آهي، پر هارن لاءِ باقاعدي ڪتابن جي اشاعت جو ڪم عربي سنڌي لپيءَ جي رائج ٿيڻ کان پوءِ ئي ٿيو. منشي اڌارام ٽانورداس جي اها ڪهاڻي ديوناگري لپيءَ ۾ هئي، جنهن کي اڄڪلهه هن 1861ع ۾ ٻين ڪهاڻين سان گڏي نئين صورت خطي ۾ هڪ مجموعي ۾ آندو ويو.

(7)

ڪئپٽن استئڪ جي گرامر جي ضميمي ۾ هڪ ٻي ڪهاڻي شهزادي امل ماٽڪ ۽ شهزادي حسين پري جي آهي. ان کان پوءِ 1854ع ۾ غلام حسين قريشي جي ڪهاڻي “پنهي زميندار جي ڳالهه” ڇپي هئي، جيڪا هڪ هندي قصي تان ورتل هئي. اهڙي طرح مٿي ذڪر ڪيل آکاڻيون سنڌي ٻاراڻي ڪهاڻيءَ جي شاندار ابتدا آهن، جن ۾ هر حوالي سان هارن لاءِ مواد موجود آهي. هولي، اصلاح، نصيحت وندر ۽ ورونهن جي حوالي سان سموريون ڪهاڻيون بهترين هيون. شروعاتي دؤر جي آکاڻين جي مطالعي کان پوءِ اها معلومات ملي ٿي ته انهن ڪهاڻين ۾ هوليءَ جو استعمال عام فهم ۽ هارڻن جي ذهني سطح کي سمجهي انهن جي دلچسپي کي وڌائڻ لاءِ اهڙي قسم جا چونديا ويا. ڪجهه لکيل ڪهاڻين جو جائزو پيش ڪيو ٿو وڃي.

“منشي دفتر جي ڪليڪٽر صاحب کي وڃي چيو ته سائين جلال پور جي ڪاغذن منجهان ٿو پروڙجي ته جيڪي مختيارڪار سڌاتوري لکئو آهي، سو سچ آهي ۽ دفتر جي ڳالهه ڪوڙي – ان ڪوڙ ۾ ڪڏاتوري جو ڪوڙ ٿو پروڙجي تڏهن صاحب ڪوڻائي پڇئو ته هن ڳالهه جي وچور ڪيئن آهي. صاحب سمجهو ته اهو ڪوٽ ۽ دوهه ڪڏاتوري ڪئو آهي. ۽ منشي دفتر جو پڻ ڏوهه آهي جو ڪم ۾ پاڻ سار ڪا نه رکي ۽ ٻئي کي پهچي ڪم ۾ موڪل ڇڏياءِ.“

(8)

سنڌي ادب ۾ اوائلي آکاڻيون پڙهڻ سان انهن ۾ ہارڙن جي دلچسپي جو سمورو سامان موجود آهي. عنوان کان وٺي ڪردارن، مڪالمن ۽ پلاٽ جو اگر جائزو وٺجي ته 1853ع معلومات ۽ اصلاح نيڪي ڪرڻ بدين کان بچڻ جهڙا موضوع شامل آهن. 1853ع عربي سنڌي لپيءَ جي رائج ٿيڻ کانپوءِ بابنامي جهڙا درسي ڪتاب ہارن لاءِ لکيا ويا. جنهن ۾ ہوليءَ جي سکيا جي حوالي سان سبق شامل ڪيا ويا هئا. منشي نندیرام ميراٹي پاران لکيل هن ڪتاب کي سنڌي ہوليءَ جو پهريون درسي ڪتاب چيو وڃي ٿو. بعد ۾ اڌارام ٿانورداس ميرچنداٹي ۽ ڪوڙيمل چندنمل کلناٹي، پرپداس، رامچنداٹي ۽ ٻين پڻ درسي ڪتاب لکيا. 1854ع ۾ نندیرام ميراٹي "ايسپ جون آکاڻيون" پڻ انگريزي تان ترجمو ڪيون، جنهن ۾ ہارن لاءِ نصيحت آموز آکاڻيون ڏنل آهن، جيئن "آکاٹي چوڪر ۽ بادامين جي".

"هڪڙي دڪيءَ ۾ بادامیون پيون هيون. تن منجهان ڪيترن بادامين ڪيڏ لاءِ هڪڙي چوڪر دڪيءَ ۾ هٿ وڌو ۽ جيترين مٺ ۾ آيس، اوترين بادامیون ڪڍي، جي مٺ ٿو پڻيان ته بادامیون ٿيون ڪرن، جي بادامیون جهلي ٿو بيهان ته هٿ نٿو نڪري! تنهن ڪري هو روئڻ لڳو. پوءِ اتي پاسي کان هڪڙو ڏاهو ماڻهو ٻيڙو هو. تنهن چيس چوڪر ٿوريون بادامیون ڇڏي مٺ نندي ڪر ته باقي جيڪي بادامیون بچنديون سي توکي هٿ ايندیون تنهنجو هٿ به ٻاهر نڪرندو، ائين ڪيائون ته هٿ نڪري آيس.

نصحيت: اسان کي ڪنهن به شيءَ جي واسطي پوري پني سڌ رکڻ کپي. ائين سو اها شي هٿ ۾ ايندي ۽ جي هيچ ڪري تمام گهٹي سڌ رکبي ته اها ڪڍن به پوري کين ٿيندي."

(9)

ائين هي ڪتاب ہارن لاءِ ڇاڻ پريو آهي، جنهن جي هر آکاڻي نصيحت پري آهي. ان کان سواءِ منشي اڌارام ٿانورداس آکاڻين جو ڪتاب "طوطي نامو" فارسي تان ترجمو ڪيو، جيڪو اصل سنسڪرت تان ورتل هو. 1861ع ۾ سيد ميران محمد شاهه اول جو ڪتاب ڇپيو هو، جيڪو هندي ہوليءَ تان ورتل هو، جنهن ۾ اخلاقي درس جي حوالي سان خوبصورت آکاڻيون شامل هيون. مفيد الصبيان جي هڪ عبارت مثال طور پيش ڪريان ٿي:

"بادشاهه جي محل جي پاسي ۾ هيڪڙو موچي ڪميٹو بچڙو رهندو هو. بادشاهزادو سدا ان جي گهر ايندو ويندو هو، راند روند ڪندو هو. ۽ ان سين ڏاڍو پيار رکيائين. وزير چيو ڏيهه ڏٺي ہارن کي ڪميٹن جي سنگت ۾ ڇڏڻ ڦٽائي آهي. ٿورن ڏينهن ۾ انهن جا آرکڻ ہار ونڊا آهن. ماڻهوءَ کي جهڙي سنگت هوندي اهڙا آرکڻ سکندو گهرجي ته شهزادو موچيءُ وٽ نه وڃي. بادشاهه چيو ته اهو ہار اوجهه آهي ۽ موچيءَ سين پيار ٿي ويو آهي. جيڪڏهن سنگت کان جهلبو ته ڏکوئبو ۽ متان ان ڏک ۾ اڳهو ٿي پوي. کي ڏينهن کاند ڪجي جڏهن وڏو ٿيندو تڏهن نصيحت ڪري موچيءَ جي سنگت ڇڏائبي وزير مات ڪري ويو."

(10)

آکاڻين جي ڪتاب "مفيد الصبيان" جي هيءَ عبارت دلچسپ ۽ پرڪشش آهي. ۽ ہارڙن تي ذهني سنوار ۽ کين بري صحبت کان پري رکڻ لاءِ زبردست پيغام سان پرپور آهي. عبارت پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته مفيد الصبيان ہارن لاءِ آکاڻين جو شاندار ڪتاب آهي. بعد ۾ 1864ع ۾ ديوان ڪيولرام سلامتراءِ جو آکاڻين تي مشتمل ڪتاب 'سوکڙي' شايع ڪيو ويو هو. 1890ع ۾ ہارڙن لاءِ شاعري ۽ ڪهاڻين جا ڪتاب شايع ٿيا هئا. سنڌي نثري ادب جي نامور اديب ديوان ڪوڙيمل چندنمل کلناٹي جي ئي ڪوشش سان اهو ممڪن ٿي سگهيو هو. ہاراٹين آکاڻيون جي نالي سان چيپل سندس ڪتاب ہاراٹي ادب ۾ وڏي اهميت رکي ٿو، جنهن کي اصلوڪين آکاڻين جي سلسلي ۾ پهرئين ڪتاب جو درجو مليل آهي. 1891ع ۾ چيپل هن ڪتاب ۾ شامل هڪ عبارت مثال طور پيش ڪجي ٿي:

"هڪڙو هو جهنگ انهيءَ جهنگ ۾ هيون به هرٹيون – هڪڙي هئي وڏي ٻي هئي ننڍڙي – وڏي هرٹي هئي ننڍڙي هرٹي جي ماءُ – هڪڙي ڏينهن اُپ ۾ گهٹا ڪر ٿيا ۽ واءُ لڳو. وڏي هرٹيءَ چيو ننڍڙي کي اڄ مان

جهنگ کان ٻاهر کين ويندس.اڄ ڏينهن ڏڏو سو ماڻهو بندوق ڪڍي ايندا شڪار ڪرڻ ۾ هرڻي ڏسندا ته بندوق هڏي ماري وجهندا تون به اڄ ٻاهر متان نڪرين. پر ننڍڙي هرڻي ماءُ جو چيو کين ڪيو.”

(11)

ان کان سواءِ هن ئي ڏهاڪي ۾ احمد خان جلباڻي، عزت الله شيخ جي مشهور فارسي ڪتاب گل بڪاولیءَ جو ترجمو ڪيو. حاجي امام بخش چار درويش 1890ع، حاتم طائي جو قصو 1894ع ۾ الف ليلیٰ 1894ع ترجمو ڪري ڇپايا. اهڙي ريت قصن ۾ ڪهاڻين جو اهو مواد وڌن سان گڏ ٻارن لاءِ پڻ مفيد آهي ۽ وندرائيندڙ ثابت ٿيو. 1894ع هاسارام ۽ سوپراج گجومل جي اخلاقي آکاڻين جو ڪتاب سيا جو سينگار شايع ٿو. هي ڪتاب به اهڙن ڪتابن جي سلسلي جي ڪڙي آهي، جيڪي هڪ ئي وقت ٻارن ۽ وڏن لاءِ دلچسپي، معلومات ۽ نصيحت جا سڀ گڻ رکندڙ ڪتابن مان آهن.

ويهين صدي جي شروعاتي دؤر ۾ اسان کي ليکڪن پاران ڪافي تعداد ۾ نصيحت پريل ڪهاڻين جا ڪتاب لکيا ويا. ان حوالي سان پرمانند ميوارام جو دل بهار 1912ع ۾ ڇپيو هو. جڏهن ته نانڪرام ڏرمداس جي ڪتاب “ڏرمراءِ جي وهي” 1915ع ۾ ڏيئو مل محبوبراءِ جو اخلاقي تعليم 1921ع ۾ ويومل جو موجي آکاڻيون 1928ع، نانڪرام ڏرمداس جو “ڪل ۽ خوشي” 1922ع ۾ ميلارام منگترام جو “چرچن جي چهر” 1933ع ۾ مرزا قليچ بيگ جو ٻارن جي وندر يا پرولیون 1922ع ۾ ڇپيا هئا. جيڪي ٻارن جي اخلاقي تربيت جي حوالي سان لکيل آهي. اڄ به جيڪڏهن اهي ٻارن کي پڙهڻ لاءِ ڏنا وڃن ته اهي انهن لاءِ ٻوليءَ جي حوالي سان انتهائي مفيد ثابت ٿيندا.

انهيءَ لاءِ ڊاڪٽر ادل سومرو لکي ٿو ته :

“ڪتاب اسان جا مخلص دوست آهن، جن سان اسان جو سڄي حياتيءَ سان ناتو آهي. ڪمپيوٽر ۽ ٽيليويزن جي بي پناهه، ترقي به ڪتاب جي مقبوليت تي اثر انداز نه ٿي سگهي آهي. ٻارن جي زندگي ۾ ڪتاب وڏي اهميت رکن ٿا.ڪنهن ڏاهي چوائي، ڪتاب پڙهڻ جو شوق خوشحاليءَ جي ڪنجي آهي .۽ اهو شوق ننڍپڻ ۾ ئي پيدا ڪري سگهجي ٿو.شروعات ۾ ٻار خود پسند هوندو آهي .پر مطالعي ڪرڻ سان آکاڻين جي مختلف ڪردارن سان همدردي ۽ محبت هئڻ ڪري هن جي همدردين ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ هن ۾ معاشري جي بهترين فرد بڻجڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي ٿي.”

(12)

ٻاراڻي ڪهاڻي اسان وٽ صرف پڙهي ڪا نه ٿي وڃي پر ان جي بڻڻ ۽ بڌائڻ جو سلسلو اڄ به هلندڙ آهي. اهي ڪهاڻيون اڄ به اهميت رکن ٿيون. جو پڙهندڙ ان مان گهڻو ڪجهه پرائن ٿا.انهن ۾ ايندڙ واقعا، جملا ۽ موضوع اڄ به اهميت وارا ثابت ٿيا آهن. تاريخ تي نظر ڦيرائڻ سان پتو پيو ته ڪهاڻي هر دؤر ۾ پنهنجي هڪ جاءِ ٺاهي آهي .۽ ليکڪن ان کي پرپور انداز ۾ لکيو آهي. اڄ به اسان کي لکين جي تعداد ۾ ڪهاڻيون لکيل ملن ٿيون. جن جا موضوع نوان ۽ وٺندڙ آهن. ٻارن جي ليکڪن به پنهنجي جدوجهد کي جاري ۽ ساري رکندي سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ ڪهاڻين جو سلسلو جاري رکيو آهي.

1980ع وارو ڏهاڪي ۾ سنڌي ٻاراڻي ڪهاڻين جي حوالي سان گهڻيون ڪوششون ورتيون ويون. جن ۾ لوڪ ڪهاڻيون به لکيون ويون، جن ۾ “چورن مٿان مور” 1980ع ۾ وڪ وڏايو پبليڪيشن هالا پراڻا سنڌ مان چڀيو، جنهن جو سهيڙيندڙ عرفان مهدي هو. ڊاڪٽر ايار قادري جا ڪتاب “پکين ۽ جانورن جون نصيحت پريون ڪهاڻيون” (1981ع)، پرين جون ڪهاڻيون (1981ع) سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ڪرايا ويا. “ايشيا جون لوڪ ڪهاڻيون ٻارن لاءِ ديس ديس جون آکاڻيون” 1984ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جام شورو شايع ڪرايو. “عقلمند ڪاڻءُ” عبدالرحمان جتوئي/ ارباب علي “عادل چوهاڻ “جو ڪتاب 1988ع، منظور بڪ اسٽور شاهي بازار شڪارپور سنڌ وارن شايع ڪرايو. “عقلمند درويش” عبدالرحمان جتوئي 1988ع پاڪستان پرنٽنگ پريس لکيدر شڪارپور

پاران ڇپيو. 1989ع ۾ مهراڻ اڪيڈمي شڪارپور پاران هارن جي ڪهاڻين جا ڪتاب ڇپرايا ويا، انهن ۾ ”حجم ۽ ديو“ عبدالرحمان جتوئي، ”شام جا ڏنگ“ محمد صالح کهڙو، ”جادو جو ڏنبو“ عبدالجبار عبد، ”دال جا درڪا“ مخفي ميمڻ، ”مسخرو جاسوس“ ڊاڪٽر سليم مصطفيٰ ميمڻ، ”شمن جو وظيفو“ غلام مصطفيٰ مشتاق، ”هٿيلا جن“، عبدالرحمان جتوئي، عبدالرحمان ميمڻ جو ڪتاب ”ٽي ڏاڙيل“، عبدالرحمان جتوئي ”وڃايل دولت“، عبدالجبار عبد منظور بڪ اسٽور شاهي بازار شڪارپور پاران شايع ٿيو. ”عقلمند چوڪرو“ عبدالرحمان جتوئي 1997ع سنڌي ساهت سوسائٽي سنڌ شڪارپور وارن ڇپرايو. ”گڏ ۽ جهرڪي“ 1997ع، مهراڻ اڪيڈمي شڪارپور شايع ڪرايو. ”جابلو راڻي جو تحفو“ 1997ع، عبدالستار درس، نويد بڪ ڊپو گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ پاران ڇپرايو ويو. ”هارن لاءِ لوڪ ڪهاڻيون“ 1997ع فضل الرحمان ميمڻ، سنڌيڪا اڪيڈمي ڪراچي شايع ڪرايو.

جديد ڪهاڻيون

جديد ڪهاڻي ان کي چيو وڃي ٿو، جنهن ۾ نئين ڳالهه، نئين سوچ، نوان خيال هجن. هن تعميري ۽ ترقي پذير دور ۾ جديد ڪهاڻيءَ جو سڀ کان اهم پهلو جنهن کي چئجي ٿو اهو سماجي حقيقت نگاري آهي. جديد ڪهاڻي حقيقت تي آڌاريل ٿئي ٿي. جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اسان کي ماحول جي عڪاسي ڪيل ملي ٿي. هن دور ۾ لکيون ويندڙ ڪهاڻيون انساني مسئلن تي لکيون ويون آهن. ڇو ته اهو هڪ سچ آهي ته انسان جي زندگي بذات خود هڪ ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ننڍا وڏا واقعا، ڏک سک، رشتا ناتا، مذهب، ثقافت ۽ ماحول جون سموريون تبديليون انساني زندگيءَ سان واسطو رکندڙ آهن. انهن سڀني ڳالهين مان جيڪي ڪهاڻيون جنم وٺن ٿيون، انهن کي جديد ڪهاڻي سڏجي ٿو. سنڌي ڀاراٿين ڪهاڻين ۾ به وقت سان گڏوگڏ جدت آئي. ڪهاڻيڪار موجوده مسئلن تي لکڻ ۾ اڳيرا رهيا. هنن ڀاراٿي ڪهاڻين کي خوشبو جيان ڦهلايو ۽ ڀاراٿو ادب روشني وانگر پکڙجي ويو. نت نوان موضوع مليا، نئين سوچ ۽ خيال جنم ورتو. جنن، پرين، بادشاهن، ديون کان حقيقي دنيا طرف سوچ وڌي. هن سماج جي هلندڙ واقعن کي اڳيان آڻڻ جون ڪوششون ورتيون ويون ۽ اهي تخليقي خيال اسان کي ۽ سنڌ جي گلڙن جهڙن هارن کي مليا، جن انهن جي تربيت ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

سنڌي ادب ۾ هارن جي ڪهاڻين جو اڀياس ڪرڻ سان اسان کي اها ڄاڻ ملي ته 1980ع وارو ڏهاڪو سنڌي هوليءَ جي ڀاراٿي ادب لاءِ نهايت ڪارائتو ثابت ٿيو، جنهن ۾ هارن جي ڪتابن ڇپائڻ لاءِ اشاعتي ادارن توڙي انفرادي طور ادبين ۽ ليکڪن هارن لاءِ ڪتاب لکيا ۽ شايع ڪرايا. هن دور ۾ جيتوڻيڪ جيڪي به ڪهاڻين جا ڪتاب لکيا ويا، اهي پنهنجي معيار ۾ بهترين ثابت ٿيا. جنهن ان ماحول جي نمائندگي ڪئي. ان لاءِ مان اهو چوندس ته هي دور سنڌي ڀاراٿي ڪهاڻين جو عروج وارو دور هو، جنهن ۾ جيڪي به ڪهاڻيون لکيون ويون، اهي هڪ ته ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيون ۽ ٻيو اهي ڪتاب تمام گهڻا مشهور ٿيا، ليکڪن شهرت ماڻي، انهن جي لکڻين ۽ موضوع کي پسند ڪيو ويو، ماڻهن انهن کي خوب سراهيو.

سنڌي هوليءَ ۾ هارن جي ادب ۾ واڌارو ڪندي گوهر ممتاز قاضي ڀاراٿين ڪهاڻين جو ڪتاب ”پولڙي جي پل“ ۽ ٻيون آڪاٿيون لکيو، جنهن جا عنوان ”مندن جو ميلو“، ”بچڙي بدڪ“، ”نبيلا جي گڏي“، ”پولڙي جي پل“، ”بزرگ جو باز“ ۽ ”ڪينهوڙي تي ڪينو“ آهي. هن ڪتاب ۾ ”نبيلا جي گڏي“ هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جيڪا چوڪرين جي راند وندر ۾ دلچسپيءَ کي ظاهر ڪري ٿي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پاران 1981ع ۾ ڇپيو. هن ئي سال ۾ ”تارا تارن هيٺ“ ظفر عباسي جي ڪهاڻين جو مجموعو ڇپيو، جيڪو ساهتي پبليڪيشن ڪنڊيارو ضلعو نواب شاهه طرفان شايع ڪيو ويو، جنهن ۾ ”اجهو سج لٿو“، ”چاچو ولڻ“، ”سفارش“، ”بابا بک لڳي آ“، ”هاءِ هيءَ حياتي“، ”ضد جو انجام“، ”سنڌي رسالو“، ”اڏوري آس“، ”سونا زيور“، ”ڪرندا قهري ڪوٽ“، ”تارا تارن هيٺ“، ”ڪٽي پٽي“ ڪهاڻيون شامل آهن.

ظفر عباسي جي لکڻين لاءِ عرفان مهدي لکيو آهي ته:

“ظفر جو قلم ڏاڍ ۾ ڏهڪاءَ خلاف حق چوڻ جو ڪردار ادا ڪري ٿو. پاڻ حق جو حامي ۽ سچ جو ساٿي آهي. سندس ڪهاڻيون اجهو سج لڏو ۾ چاچو ولڻ ۾ ظفر اهي ڪردار استعمال ڪيا آهن، جيڪي اسان کي روزمرهه جي حياتيءَ ۾ ملندا رهن ٿا. اجهو سج لڏو ۾ پوڙهو فقير پنهنجي پٽ جي دوا لاءِ خيرات ٿو وٺي ته چاچي ولڻ کي ٻارن سان ايڏو پيار آهي جو کين کارڪون ڏيڻ لاءِ سندس من ۾ آندَ ماندَ متل آهي، جن مان اسان کي خبر پوي ٿي ته ظفر هن ڏرتيءَ جي مسئلن ۽ حادثن کي قلمبند ڪيو آهي.”

(13)

عزيز پٽي جو ڪهاڻين جو ڪتاب “ڪاري ٽوپي” 1983ع ۾ صداقت بوڪ ڊپو حيدرآباد طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو. سندَ جي نالياوري ليکڪ ٻارن جي جاتل سجاتل ڪهاڻيڪار جنهن گل ڦل کي چار چند لڳايا، اڪبر جسڪاڻي جو مشهور ڪهاڻين جو مجموعو “رمون پيٽي” 1983ع ۾ روشن تارا ساهت سرڪل حيدرآباد پاران ڇپيو. هن ڪتاب جي ڪهاڻين جا عنوان به ڪهاڻين جيان نهايت دلڇسپ، دل کي وٺندڙ ۽ ٻارن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائيندڙ آهن، جيئن “رمون پيٽي “، “عرس مست حيدرآباد ۾”، “آخرڪار”، “ڪيڏي ڏرتي”، “چو وانڍو”، “مسيحا”، “ننڍڙو ٻار”، “اوچي سوچ”، “آيا”، “به ته ٻارنهن”، “۽ چند اجهامي ويو”، “چاچو ولو”، “شو فاطمه”، “سورج”، ان کان پوءِ 1984ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نالياوري شاعر، ليکڪ ۽ محقق ڊاڪٽر ادل سومري جو ڪتاب “جيتن جي ڪانفرنس” آگم پبلشنگ ايجنسي حيدرآباد پاران شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ آيل ڪهاڻين جا نالا مزاحيه ۽ نرالا آهن: “شرارتي ڪوئو”، “ڪرچولي”، “چار چور” ۽ “سانوڻ ڊڪڻ” ،“جيتن جي ڪانفرنس”، “نيڪدل طوطو”، “شهباز خان ۽ فقير”، “ڊگهو ۽ بندرو”، “ٻه دوست”، “مرڪ پري ۽ دودو درزي”، “مڪار گڏهه جو انجام”، “وليداد واپاري” شامل آهن. 1984ع ۾ مقبول گهلو جو ٻارن جي ڪهاڻين جو مجموعو “روبوٽ” ڇپيو، جيڪو سرهاڻ پبليڪشن سيوهڻ مان پرواني سيوهاڻي شايع ڪرايو. ساڳئي سال سرهاڻ پبليڪيشن پاران پرواني سيوهاڻي جو ڪتاب “تماشو” ڇپيو. 1986ع “پڪين جي ديس ۾”پروانو سيوهاڻي جو ٻيو ڪتاب ڇپيو. 1987ع ۾ محمد بخش جوهر جو “ٽارزن” نويد بوڪ ڊپو حيدرآباد پاران ڇپرايو ويو. 1986ع اڪبر جسڪاڻيءَ جو ڪتاب “خيرو حجم”روشن تارا ساهت سرڪل، حيدرآباد پاران پڌرو ٿيو. اڪبر جسڪاڻيءَ جي هن مجموعي ۾ ڪل 12 ڪهاڻيون شامل آهن، جيڪي سڀ پنهنجي پنهنجي جڳهه تي نه رڳو ٻارن لاءِ تفريح پيدا ڪندڙ آهن، پر انهن کي هڪ پيغام ڏيندڙ پڻ آهن. سندس بهترين ڪهاڻيون ٽائيٽل ڪهاڻي “خيرو حجم”، “وئڪيشن”، “حرڪت مان برڪت”، “آفيسر، ٻار ۽ ڪار”، “عوامي چڪن سوپ”، “اٺ پتڻ تي”، “پيو جا گفتا”، “چور ماريائو”، “شرارتي فيضو”، “عالم ثاني”، “گڏهه جون خرمستيون”شامل آهن. هن هر هڪ ڪهاڻيءَ ۾ ٻارن جي دلڇسپي ۽ موهه کي اڳيان رکندي، اهڙو مزيدار اسلوب اختيار ڪيو آهي جو ٻار ڪهاڻي پڙهندي ڪڏهن به بور نه ٿيندو. هر ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ هڪ پيغام ڏنل آهي، جنهن کي پڙهي ۽ سمجهي ٻار پنهنجي زندگيءَ ۾ بهتري آڻڻ جي ڪوشش ڪندو. اڪبر جسڪاڻي جي ڪهاڻين ۾ اسان کي سکيا جا ڪيترائي رنگ ملن ٿا. ڪهاڻين جي ٻولي جيتري سادي استعمال ٿيل آهي، اوترو ئي ان ۾ گهرائي ملي ٿي. اڪبر جسڪاڻيءَ جي ڪهاڻين ۾ مقناطيسي ڪشش آهي جو پڙهندڙ پلي ڪيترا پيرا پڙهي پر ان مان بور نه ٿيندو ۽ هر پيري ان کي پهرين پيري پڙهڻ جيترو ئي مزو ايندو.

چند ۽ چڪور 1989ع پرواني سيوهاڻي جي ڪهاڻين جو مجموعو سرهاڻ پبليڪشن طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو. عبدالستار درس جو ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب “خوني ڪنڊر” 1990ع نويد بڪ ڊپو حيدرآباد پاران شايع ٿيو. 1991ع “هٿيلي هرڻي” قاضي مقصود گل جو ڪتاب سرهاڻ پبليڪيشن طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو. 1993ع ناني سڦوران جي ٻڌايل ڪهاڻين کي ڪتاب جي صورت ۾ آندو ويو آهي. جيڪو ان ڳالهه کي ظاهر ڪري ٿو ته گهرن ۾ ٻارن جي مستي مذاق پنهنجي نانين ۽ ڏاڏين سان ويجهڙائپ رهي ٿي. جنهن سان ٻار ۽ اهي نانيون ڏاڏيون خوشي محسوس ڪنديون آهن. هي ڪتاب نانين، ڏاڏين سان ويجهڙائپ کي ظاهر ڪرڻ سان گڏوگڏ اخلاقي تعليم ڏيڻ ٻارن ۾ شعور وڌائڻ لاءِ بهتر آهي. هن ڪتاب جا سمورا موضوع ناني تي آڌاريل آهن. عنوان “ناني سڦوران جي ناس جي ڏيلي”، “ناني گم ٿي وئي”، “نانيءَ جي لٺ”، “نانيءَ جو ضد”، “نانيءَ جي جتي”، “نانيءَ جي نصيحت”،

“نانيءَ جا چوزا”، “ناني ۽ اسان جا ٻار”، 1994ع ۾ پرواني سيوهاڻي جو ڪتاب “ٻارن جون چونڊ ڪهاڻيون”، سرهاڻ پبليڪيشن پاران ڇپيو. 1995ع بشير ڀٽي جو ڪتاب “مائي جهرڪي ۽ ڪانگ خان”، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ ڄام شورو شايع ڪرايو. 1997ع ۾ صداقت بڪ ڊيپو حيدرآباد “علم بادشاهه” منظور ابڙو جو ڪتاب ڇپرايو. سرهاڻ پبليڪيشن سيوهڻ طرفان پرواني سيوهاڻي جو ڪتاب “اڏام” 1997ع ڇپرايو ويو.جنهن جو مهاڳ ٻارڙن جي مشهور ليکڪ اڪبر جسڪاڻي لکيو آهي. موضوع ڏاڍا دلچسپ ڏنل اٿس، “اڏام”، “جيجل”، “سائنسدان”، “پيئڻ بلا”، “وقت جي آتم ڪهاڻي”، “چنڊ جو عاشق”، “علم جي ڳولا”، “موهن جو دڙو”، “احتجاج”، “ڀاڳ ڀري”، “جيڪو منهنجي من ۾” آهن. ڪهاڻين ۾ ڏنل ڳالهيون به ڄاڻ ڀريون آهن. جيئن هن ڪهاڻيءَ ۾ پيئڻ بلا، عنوان جي لحاظ سان ته ان بلا جو نالو آهي، جا ٿر ۾ ستل ماڻهوءَ جي منهن ۾ زهر هاري ويندي آهي ۽ انسان کي ننڊ ۾ ننڊ ڏياري ڇڏيندي آهي.

1998ع شمس الدين سومرو جو ڪتاب شيري ۽ ڀوري ساڳئي سال سندس ٻيو ڪتاب ‘جنهن کي رب رکي’ گلشن پبليڪيشن حيدرآباد طرفان ڇپيا. هن ڪتاب جون ڪهاڻيون ماحول جي مطابق حقيقت تي ٻڌل آهن. “جنهن کي رب رکي”، “اسان جو پهلوان”، “موڳو بلو”، “اصول ۽ چماٽ”، “ٻوڙو”، “گڏي”، “ڪوڙ جي سزا”، “تصوير”، “پڇتاءُ”، “صحبت جو اثر”، “مون کي پنهنجن مارايو”، “مولا بخش ۽ ڊرامو”، “سورن جو سودو”، “حڪيم جي هوشياري”، “ڳنڍيريون”، “جي جيءُ کي جيارين”، “ڳڙ جو گهوڙو”، “ٺڳيءَ جا ٺاهه”، “توکي ساري ساهه”، “قيدي قيديءَ جو آواز”، “پنڻ جا طريقا” آهن. 2000ع ۾ شمس الدين سومرو جو ٻيو ڪتاب “روبي آئي خوشبو آئي “به ڇپجي پڌرو ٿيو .

1999ع ۾ نئون جنم پبليڪيشن حيدرآباد پاران “سنڌ پري” ڪتاب ڇپيو. هن جي ڪهاڻين جا عنوان “پڙهڻ کان پهرين”، “ضرب ضربا ضَربو”، “لغڙ”، “پڇتاءُ”، “گوسڙو”، “روشني”، “سنڌ پري” شامل آهن .

1979ع کان ويندي 1989ع تائين پورو ڏهاڪو سنڌي ٻوليءَ جي ٻاراڻي ادب جو سونهري ڏهاڪو آهي. هن عرصي دوران ٻارن جون ڪيتريون ئي تنظيمون جڙيون. اخبارن هفتيوار صفحا جاري ڪرڻ سان انهن جي سهاري هيٺ تنظيمون قائم ڪيون. ماهوار ۽ ٻه ماهي رسالا شايع ٿيڻ لڳا. نتيجي ۾ هڪ نئين کيپ پيدا ٿي، جن ٻارن لاءِ پنهنجا نظم توڙي نثر جا ڪتاب شايع ڪرائي پڌرا ڪيا.

سنڌ جي مشهور علمي ادبي اداري سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي ٻاراڻي ادب جي اشاعت توڙي واڌاري لاءِ هميشه کان ساراهه جوڳو ڪم ڪيو آهي. ان اداري طرفان 1959ع کان نڪرندڙ ٻارن جي رسالي گل ڦل ۾ ٻارن لاءِ ڪيترن ئي سنڌي ٻوليءَ جي مشهور ليکڪن جون ڪهاڻيون ڇپيون. جيڪي اڄ به سنڌي ٻوليءَ جا معروف ۽ وڏا نالا آهن. انهن ڪهاڻين ذريعي سنڌ جي ٻارڙن جي آئندي لاءِ انهن جي پختي ذهني اڏاوت لاءِ لازمي سمجهندي هن ماحول تي ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون، جيئن ٻارن جي صحيح، منظم، مؤثر ۽ مضبوط ذهني تربيت ٿي سگهي. جنهن سان هنن جو ڌيان تعليم تدريس سان گڏ ادب ڏانهن به ٿئي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي هن دؤر ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ کي لکڻ ۽ اڳيرو ڪرڻ ۾ ليکڪن ڀرپور ڪوششون ورتيون. هنن ٻارن جي فڪري اوسر لاءِ اثرائتا عنوان ڏيئي ڪهاڻيون لکيون، جنهن مان سنڌ جي ڪيترن ئي ٻارن اثر قبوليندي ڪهاڻيون لکيون. ٻاراڻي ادب ۾ جنهن رسالي ٻارن جي شوق ۽ پسند وچان ڪم ڪيو، اهو سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو پاران نڪرندڙ رسالو گل ڦل آهي. هن رسالي ۾ قاضي منظر حيات ۽ ٻيا نالا ڏنا، انهن ۾ 1982ع “بهادر شهزادو” دادا سنڌي، “واه واه جمالو” 1983ع ظفر عباسي، ساڳئي سال “محبت موٽي آيو”، ارباب علي عادل چوهاڻ “مٽيءَ جون مانيون”، دادا سنڌي “حق” محمود مغل “چانو ڏسان” ولي محمد طاهر زادو، “ماڪ ڦڙن جو تاج” عبدالجبار عبد 1984ع “سهي جي چالاڪي” پير امام المتقين راشدي 1986ع “چالاڪ ڪوئا” امام راشدي 1991ع “انشاءَ الله” خالد ڀٽي، “چڱائي” امام راشدي “جهرڪ جو ٻچڙو” ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو، “ڏک”آغا دانش “موتي جو پيار” امام راشدي 1993ع “منهنجو انتظار نه ڪجو” شمس الدين سومرو، “ظالم ته ڪو نه رهندو”، نثار بزمي 1995ع “ماسي مصيبت” ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي، “بادشاهي ٻار” امام راشدي، “پهاڪن جو استاد” ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي

“غلطيءَ جو احساس” مختيار گهمرو “اوچا ڀاڻ” گلبدن جاويد، ہارڙن جي ادب ۾ ڪهاڻين جي روايت کي برقرار ۽ معياري رکڻ لاءِ ليکڪن جي محنت نظر اچي ٿي.

سنڌي اخبارن به ہارن جي ادب کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪيترائي ہاراڻا صفحا شايع ڪرڻ شروع ڪيا. انهن ۾ عبرت مئگزين ۾ ہارن جو صفحو ہالڪ رنگ، مئگزين 1980ع کان شايع ٿيندو پيو اچي. ان رسالي ۾ ہي معلومات سان گڏ ڪهاڻيون به ڇپجڻ لڳيون، جنهن کي ہار دلچسپيءَ سان پڙهندا رهندا هيا. گلستان روزاني سنڌ نيوز حيدرآباد هن صفحو 1985ع ۾ شروع ڪيو ويو. جنهن جو انچارج نظير احمد لغاري هو. هن صفحي ۾ ہارن لاءِ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون ويون. ان ۾ سميع پنهڙي جي ڪهاڻي “بيوقوف بگهڙ ۽ چالاڪ گڏهه”، ايم اقبال بيوس خاصخيلي جي ڪهاڻي هن صفحي تي مستقل هلندي هئي. ايوب عمراڻي جي ڪهاڻي جيڪا صفحي ۾ قسطوار ڇپجندي رهي اها “فوٽ پاٿي” هئي. هڪ ليکڪه شبانه شيخ به ڪهاڻين لکڻ جو سلسلو جاري رکيو ۽ شهرت ماڻيائين. ائين ئي ڪهاڻين جي سلسلي کي هلائيندي قاضي مقصود گل، عزيز ڪنگراڻي ڪهاڻيون لکيون. 1986ع واري پرچي ۾ شمشير الحيدري جي ہارن لاءِ لکيل ڪهاڻي “چنڊ جي ڪهاڻي” شايع ٿي.

روزاني هلال پاڪستان حيدرآباد پاران 1974ع ۾ گلن جهڙا ہارڙا نالي سان ہارن جو هفتيوار ادبي صفحو شروع ڪيو ويو. جنهن ۾ ڪالم ڪهاڻي کي اڳتي وڌائيندي عبدالجبار آزاد منگي 1982ع کان ٿمون شرارتي جي نالي سان ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. اهو ڪهاڻين جو سلسلو 1997ع تائين هلندو رهيو. 2019ع ۾ انهن ڪهاڻين کي سهيڙي ڪتابي صورت ۾ سمبارا پبليڪيشن طرفان ڇپرايو ويو. ٿمون شرارتي جي ڪهاڻين جي مجموعي ۾ هي ڪهاڻيون شامل آهن: ”ٿمون حاضر آهي“، ”ٿمون جو تعارف“، ”ٿمون جو پت تي چاپو“، ”ٿمون ۽ ناني ناس واري“، ”ٿمون جي همت“، ”ٿمون مشاعري ۾“، ”ٿمون ريڙهي گاڏي تي“، ”ٿمون بٽيو نجومي“، ”ٿمون ۽ قلفي“، ”ٿمون تاريخ جي لکڻ جي چڪر ۾“، ”ٿمون ۽ ڪينجهر“، ”ٿمون ريل ۾“، ”ٿمون ۽ لغڙ“، ”ٿمون اسپتال ۾“، ”ٿمون ۽ تقرير“، ”ٿمون گهٽيءَ ۾“، ”ٿمون شهر ۾“، ”ٿمون اوطاق ۾“، ”ٿمون امتحاني هال ۾“، ”ٿمون ۽ ٽڪٽ“، ”ٿمون ۽ بز“، ”ٿمون ۽ اليڪشن“، ”ٿمون جو آخري سنيهو.“

هن ڪتاب لاءِ ياسر قاضي لکي ٿو ته:

“عام ماڻهن سان گڏ اٿڻ ويهڻ سبب کيس عام زندگيءَ ۾ عام ماڻهوءَ سان پيش ايندڙ واقعن جو مشاهدو روز ٿئي ٿو، تنهن ڪري ٿمون کي هلندي ڦرندي ڪهڙين ڪهڙين خوشگوار توڙي مايوس ڪندڙ صورتحال سان منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو، اهو ليکڪ لاءِ تصور ڪرڻ ڏکيو ناهي، چاڪاڻ ته هو ڪئين پيرا پاڻ ٿمون بڻجي وڃي ٿو ۽ پاڻ سان ٿيل ويڌن ۽ جڏين جو بيان ٿمون جي زباني ڪرائي ٿو. پر اڪثر هو ٿمون جي مستقبل پارٽنر طور نظر اچي ٿو. جيڪو سدائين ٿمون کي چڱن ڪمن لاءِ همٿائي ٿو ۽ برين عادتن کان روڪيندي نظر اچي ٿو. ٿمون هن سان حجائتو به ڏاڍو آهي. ڪڏهن کيس ڪلهي ۾ مڪ ٿو ٽڪاءُ ڪرائي ته ڪڏهن ساٿس ڪاوڙ ڪندي ٿو نظر اچي. ٿمون جي ڪردار جي اٽت جبار جنهن نموني ڪئي آهي، اهو هڪ عام ڪردار آهي. جيڪو اوهان سان وانگو به چانگي چونڊ (جُتي) پائي گهٽيون ڪچيندو نظر اچي ٿو. ہار کيس پسند ڪن ٿا. جنهن جو اندازو کيس به آهي ۽ شرارت سندس خاص گڻ آهي. جنهن ڪري هو ٿمون شرارتي چورائي ٿو. تنهن ڪري هر ڪالم ڪهاڻيءَ ۾ جبار سندس شرارت جي عنصر کي خاص طرح هاءِ لائيٽ ڪيو آهي. پر ان جو اظهار هن اهڙي ڪاريگريءَ سان ڪيو آهي جو اها شرارت ٿمون جو ڪو هيرو وارو عمل نٿي سمجهجي ته متان ہار پڙهندڙ ان کي پنهنجو ڪن ۽ وڏن يا جيڏن کي تنگ ڪندا وتن، بلڪ جبار سندس ان شرارت کي صرف تفريح لاءِ بيان ڪندي ان کان بچڻ جو اشارو به ڏنو آهي. خود ٿمون تقرير نالي ڪالم ڪهاڻيءَ ۾ هو نڪمي نٿر گوسڙو، شرارتي ۽ محنت کان پڇندڙ ٿمون جي محنت سان تقريري مقابلي ۾ ڪٽيل انعام جو ذڪر ڪندي ہارن کي اها ترغيب ٿو ڏئي ته ڪا به بري عادت مستقل ناهي هوندي ۽ ان کي ختم ڪرڻ سان ڪاميابي يقيني بڻجي ويندي آهي. ان قسم جون ڪهاڻيون انهن ہارن لاءِ اتساهه جو باعث آهن، جيڪي محنت سان چاهه نه هڻڻ سبب پنهنجي استادن جا لاڏلا ناهن بڻجي سگهيا.”

(14)

هلال پاڪستان اخبار جي صفحي ۾ عبدالجبار آزاد منگي جي قسطوار ڪهاڻي ’صبح ٿيندو‘ به شهرت حاصل ڪئي. ان کان سواءِ ڪهاڻي ”انڌا اونڌ ويڄ“، ”پنهنجي ڌيهه ۾ سجاڻپ ڪاربد“ 1982ع، ”ڏکن سکن جي سونهن“ 1980ع، ”پنهنجي عيد“ 1983ع، ”ڪوڙو ڦڙاڪو “، ”حسرتن جا قاتل“ پنهنجي ڌيهه ۾ 1982ع، ”عيد ۽ غربت“، ”هو ڪير آهي“1991ع آهن.

(15)

سنڌي ادب جي هڪ ٻئي نالياري ليکڪ ڈاڪٽر ڪمال جامڑو به ڪهاڻيون لکيون.

ڈاڪٽر ڪمال جامڑو جون لکيل ڪهاڻيون پارن کي اتساهه ڏيندڙ آهن، پر سندس ڪهاڻين جا موضوع به ڏاڍا وٺندڙ آهن، جيئن ”جهرڪيءَ جو ٻچڙو“، ”ساڙيلو پولو“، ”ڏاهو ٻار“، ”سچار چوڪر“، ”بهادر چوڪري“، ”هڪ ڏينهن جي ڳالهه“، ”حرڪتي ٻار“، ”شرارت“، ”منو پينڊي“، ”چوريءَ جي سزا“، ”امڙ، نوشيروان“، ”بادشاهه وارو فيصلو“ سڀ ڪهاڻيون نصحيت آموز ۽ وندر ورونهن سان پريل آهن.

(16)

حوالا

1.بلوچ، نبي بخش خان، ڈاڪٽر، ”جانورن ۽ پکين جون آکاڻيون“، سنڌي ادبي بورڊ جام شورو، 2014ع
2.بلواڻي، هوندراج، ڈاڪٽر، ”سنڌي ٻال ساهتيه“، 2007ع
3.راشدي، امام، گل ڦل آگسٽ _ڊسمبر ،سنڌي ادبي بورڊ ،1999ع.
4.سومرو، ادل، ڈاڪٽر، ”جيتن جي ڪانفرنس“، آگم پبليڪيشن حيدرآباد، 1984ع.
5.سيوهاڻي، پروانو، ”اڏام“، (چاپوپهريون)، سرهاڻ پبليڪيشن، سيوهڻ، 1997ع.
6.سيوهاڻي، پروانو، ”چنڊ ۽ چڪور“، خواجه پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو، حيدرآباد، 1989ع.
7.سهتو ، ناز، (رپورٽ)،”تارا تارن هيٺ“،گل ڦل فيبروري _مارچ 1982ع.
8.سنديلو، عبدالڪريم، ڈاڪٽر، ”لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو“، پيڪاڪ پبليڪيشن، 2016ع
9.ساڳيو.
10.شيخ، الطاف، ”سونهري ٻلي ۽ لالچي زال مڙس“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2017ع.
11.عباسي، ظفر، ”تارا تارن هيٺ“، ساهتي پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ضلع نواب شاهه، سنڌ، 1981ع.
12.قادري، ايار، ڈاڪٽر، ”پکين ۽ جانورن جون نصيحت پريون ڪهاڻيون“، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو، 1981ع.
13.ڪنگراڻي، عزيز، ”سنڌ پري“، نئون جنم پبليڪيشن، حيدرآباد، 1999ع.
14.مگريو، واحد بخش، ”گل ڦل“ آگسٽ _ڊسمبر ،سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو، 1999ع .
15.منگي، عبدالجبار، آزاد، ”ٽمون شرارتي“، سمبارا پبليڪيشن، 2019ع.
16.وگهيو، خالد، آزاد، ”سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ“، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، 2016ع